# ٽئگور جو مذاق ۽ طنز

گرديو جو اهو ڪمال آهي ته جنهن چيز کي ڇهيو اُن سو سون ٺهي پيو آهي. انسان، ايشور ۽ قدرت بابت گنڀير رچنائون ته آهن، ليڪن اُن، پر مذاقي ۽ طنزي ادب به ڪافي لکيو اُن، مذاق اهو جو چاچي چوي، ڇهنڊڙي به پائي. هن جو اهڙو سڄو ساهت سوڙهيءَ گهٽيءَ وارن خلاف ئي رچيل آهي، ٻيوءِ اهي ڌرمي کيتر ۾، سماجي کيتر ۾، راجنيتي کيتر ۾ يا ساهتڪ کيتر ۾ هجن. ٽئگور جي اهڙي ساهت ۾، ڪيترا خاص لکيل ننڍا ڇهڪا، آکاڻيون، مضمون ۽ شعر ۽ "سهڻي" ناولٽ اچي ٿا وڃن.

"آرسي ۽ اڻ آرسي" ڇهڪن ۾ ڏسو ته ٻراچينتا ۽ پيڊ پاءِ جي ٻوچارين تي ڪهڙيءَ نه نزاڪت سان طنز ڪئي اٿس:-

چنتامڻي: ٻوڙهي لوڪ ٻالڪل ڪريل جاليءَ جا آهن ۽ اسانجن اڻ ڏاڏن جي ٻيت ۾ وڳيان جي لحاظ کان ٻالڪل بيوقوف آهن، مان اوهالکي اهو ثابت ڪري ڏيکاريندس. پڌاءُ توهالکي سڌ آهي ته اسانجا آرسي،

لوڪ تيل ٻڌن کي لڳائڻ کان پهرين اشوسلاما کي ياد ڪري ٿي پيرا زمين تي تيل ڇو ڇڙڪائيندا آهن؟

هرڀهر: نه، مونکي ڪل نه آهي.

ادويت: نه، نٿو ڄاڻان.

ليکڪ: نه.

چنتامڻي: اڀاسي اچڻ وقت ڇپٽي ڇو وڄائيندا آهن، اوهان مان ڪير ٻڌائيندو؟ ۽ اسانجون ڏالون وڇڻو لوڏڻ کان پهرين زمين سان لڳائيندا آهن ان جو ڪو سبب ڄاڻي ٿو؟

سڀ: نه، سائين ڪير به نٿو ڄاڻي.

چنتامڻي: هنن ڳالهين جي کوجنا يا وچار ڪرڻ کان سواءِ اوهين فتوي ٿا ڏيو ته يورپ جو وگيان بهتر آهي. آريه لوڪ اڀاسي ڇو ڏيندا آهن، تيل ڇو لڳائيندا آهن، ان بابت اوهين ڪجهه به نٿا سوچيو، توهان کي ان بابت ڪابه ڄاڻ نه آهي.

هرڀهر: چڱو اوهين ئي ڪٿي ٻڌايو ته تيل لڳائڻ کان پهرين زمين تي ڇڙڪڻ ۾ ڪهڙو راز سمايل آهي.

چنتامڻي: اڙي ڪشش آهي ڪشش! جنهکي انگريزي ۾ مئگنيٽزم ڪوٺيندا آهن.

هرڀهر: (عجب وچان) اوهان انگريزي ۾ مئگنيٽزم بابت ڪجهه پڙهيو آهي؟

چنتامڻي: ڪجهه به نه ۽ ضرورت به ڪهڙي... — وگيان جا پيو ڪوڙ وشيه پڙهڻ لاءِ انگريزيءَ جي ڪابه

ضرورت ناهي. اسان جا آريه ڇاٽا ڇون؟ ٺاهي شڪتي، ڪاري شڪتي، ۽ ساڌارڻ شڪتي حاصل ڪري سگهن ڪري مهل اسانجي شڪتي ۾ واڌارو ٿو ٿئي ۽ اهو ٿئي ٿو آهي مئگنيٽزم. اٺويهين صديءَ ۾ انگريز سگهن ڪري بعد پنهنجو بدن ٺوال صاف ٿا ڪندا هئا ۽ اسانجا وڏا ته هزارين سال اڳ انگوڇي سان سگهن بعد بدن صاف ڪندا هئا. ذرا ويچار ڪريو نه؟

ليکڪ: (عجب وچان) عجب آهي. ڌن آهين ڌن آهين. اسانجي آرين ۾ ڪهڙي نه دوراند يشي هئي. ڇا ته ڪنبو مهاشيه جي کوجنا آهي!

هريهر: (پنهنجو پاڻ کي) ڪهڙي بيوقوف جي پلئه پيا آهيون، پر هن کي ناراض ڪري مان ڪو به فائدو نه آهي. ڪيترن ئي اخبارن ۾ لکندو آهي ۽ وڏ وڏيرن جي پڳ ۾ هٿ وجهندو آهي، انڪري مشهور آهي.

.. .. .. ..

پيو ليکڪ: سائين اوهان وگيان جو ته گهرو ابياس ڪيو هوندو؟

چندامڻي: سائين ته پنهنجي ڪلپنا ۽ پڙهي معرفت آريه ڌاس جي چڪ، ڪنگهي، چوٽي وڌائڻ، اگربان ماٺان لڳائڻ ڪندي، وغيره آئڻ ويهڻ جي ڳالهين ۾ اسي سوکيم وگياني اصولن جي کوجنا ڪئي آهي. موڪلي وگيان پڙهڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ٿي آهي! اوهان کي اعتبار نه ايندو پر آريه شاستر ئي هتي رکي لسر ڪاڻي چوانو نه

مون آڳه شاستر ۾ اهو ڪجهه ته نه پڙهيو آهي- سڀ سکيا ٻاڻ حاصل ڪئي اٿم.

هريهر: اوهان ڪڏهن پڙهيو ٻڌو آهي، اهڙو ڪلاڪ اوهان لي ڪير به نه لڳائيندو. ڪهڙي قسم ڪاٿ جي ڪهڙي ضرورت؟

ٻئي هڪ ناٽڪ "ٻهار جو چڪر" ۾ ڪهڙي نه معنيٰ ڀري مذاقي گفتگو لکي اٿس:-

راجا- شاعر!

شاعر- جيءُ مهاراج!

راجا- اڄ ٻنهجن وزيرن جي ميٽنگ مان پڇي آيو آهيان.

شاعر- ڏاڍو چڱو ڪيو. مگر مهاراج کي اهڙو سندر خيال ڪيئن آيو؟

راجا- سال جي پڇاڙي ويجهي آهي، خزانو ڏري گهڻو خالي ٿيو آهي. جڏهين جڏهين وزيرن سان صلاح مشوري لاءِ ويهان، تڏهين تڏهين هو گهر کان ٻاهر جي. ٻنهجن ڪاڻ پنهنجا خرچ ڪرڻا اٿن. انڪري ٻچڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا واهه ئي ڪين هئي.

شاعر- ان ۾ به ڪو ٻلوڻي آهي.

راجا- ڪنهنجو؟

شاعر- راڄ جو.

راجا- ڇا ٿيو چوين؟

شاعر- جيڪڏهين وقت به وقت بادشاه سلامت

راڄ ڪاروبار کان دور هٽي اچي، ۽ ماڻهن کي حڪومت
ڪرڻ جو وجهه ملي ٿو.

راجا- ڇا ھي تنھنجو مطلب؟

شاعر- جڏھين راجا جو خزانو خالي ٿي ٿو وڃي، ماڻهو ۽ تڏھين پنھنجي پوڄڻ طرف ڏسڻ لڳن ٿا، پوءِ حالت سڌري وڃي.

راجا- تنھنجا اکر ڪجهه گول مول آهن. وزيرن کي ۽ ڇڏيو اٿم، ڇا توکي ۽ ڇڏڻو پوندو؟

شاعر- نه، ان جي هاڻي ڪاني ضرورت ڪانهي. جي توهان پنھنجي راهه ڇڏي آهي ته توھين اسان ماڻهن منجهان هڪ ٿي، پيا آهيو...

ڪابولي والا ڪهاڻي ۾ هڪ ڏيهن ڪابولي وارو ٿو منيءَ کان پڇي، "تون ۽ 'ساهري گهر' ويندينءَ؟"

ننڍڙي بالڪي پلا ان ڳالهه جي مطلب کي ڪٿي ٿي سمجهي. موٽ ۾ ڪٽي ساڳيو سوال ڪيائين. مگر اهڙن ماڻهن لاءِ ۽ "ساهرو گهر"، معنيٰ جيل آهي. سو گفتگو مذاق پراو آهي. هڪ ڏيهن ڪابولي والا "ساهري گهر" ٿو وڃي.

سالن ڪانپوءِ جڏهين جيل مان ڇٽي ٿو تڏهين منيءَ کي شادي جي موقعي تي ٿي اچي ته ڏسي جڏهين هوءَ 'ساهري گهر' وڃي رهي آهي.

ٻي هڪ ڪهاڻي "جمر پتري" ۾ ڪوڙي جمر پتري لهرائي شادي رچائي ٿي وڃي ۽ الهن لڪور جمر پتري ۾ وشواس رکندڙن تي ڀارديسس طنز ڪيو ڇڏي.

گرديو جي "طوطي جي سکيا" طرزي ڪهاڻي ته جڳ پرسڌ آهي. انجو تت آهي ته هڪ اڻ سکيل طوطي ڳالو ٻڌي خوب. مگر سلوڪ ڪين ٿي آيس. ٿيو ڪڏيو ٻڌي، مگر فضيلت جو نانءُ ڪين ايندو هوس. بادشاهه پنڊتن کي گهرائي طوطي کي سکيا ڏيڻ جو بندوبست ڪيو. هنن به سوني پڃري ۾ ڪٽي رکيس. ڪٿان ڪٿان ٿي ماڻهو انکي ڏسڻ آيا. شاسترن جو پڙهڻ چست ٿائين لڳي ويو. سکيا ڏيندڙ خوب انعام سان پنهنجي ويا. هڪ ڏينهن بادشاهه طوطي جي سکيا جو ڪم اکين سان ڏسڻ چاهيو. ڏاڍا ٻگل باجا وڄائيندا پکيءَ ڪي وٽ آيا. راجا خوش ته هيترا شاستر ڪيس پاڙهيا ويا آهن. پکيءَ ۾ پڙڪ ڪانه ٻولي، ڇو ته شاسترن جي پنن سان نڙيءَ تائين پريو پيو هو، سو پٽڪو به ڪونه ٿي ڪڍي سگهيو ۽ گهڻجي پراڻ ڏيئي ڇڏيائين.

ٽئگور هن ڪهاڻيءَ ۾ ان تعليمي سرشتي تي طنز ڪئي آهي، جنهن ۾ فقط درسي ڪتابن تي ئي زور ڏنو ويندو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ گرديو جي طنزي قوت چوٽيءَ تي پهتل آهي.

ٻيءَ هڪ ڪهاڻي "ڪنوارن جي ڪلب" ۾ برهمچاري رهڻ جي تحريڪ کي ڏڪ لڳو هئي. ان ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪاليجي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين برهمچاري رهڻ جو پرڻ ڪري "ڪنوارن جون ڪلبون" ٺاهيون آهن، جن جا اڳوان هڪ هڪ ٿي شادي ڪري ٿا ڇڏين. ڇو

جو جنهن پورا ڪردار شريش کي چوي ٿي، ”ان ۾ شڪ
آهي ته اسين ڪو وري انسان جو جنم وٺي ايندا سين.
انهيءَ باوجود ڇا توکي اميد آهي ته توکي هن دنيا ۾
پنهنجي دل کي سچي عمر پياسي رکڻ جو عيوضو ٻيءَ
دنيا ۾ ملندو؟ مسلمانن لاءِ بهشت ۾ حورون آهن ۽
هندن لاءِ به سرڳ ۾ ڪا کوٽ ڪانهي. پر ڇا اسان کي هتي
جي ڪنوارن جي ڪلب جي پريزيڊنٽ ۽ ٻين فاضل
ميمبرن جهڙيون ڇوڪريون ملنديون؟“

گرديو جي شعرن ۾ به اسان کي مذاق ۽ طنز جي جهلڪ
ملي ٿي، خاص ڪري ٻال ڪوتائن ۾ جنهن هڪ ٻار
آلوچڪ ڄڻي مذاقي نوع ۾ ٻيءَ ۽ ماءُ کي يا آرٽسوار
جي ڏير سان اچڻ کي يا ۱۲ ٻجي رات نه اچڻ کي ٽيڪا
ڪري ٿو.

”سهڻي“ ناولٽ جو نه نوع ئي طنزي ٿو لڳي،
جنهن معرفت ٽئگور ڪاميابيءَ سان سرمايداري سماج ۾
پئسي جي پوڄا، متّين طبقي جي کوکلي ۽ سطحي زندگيءَ
کي ننگو ڪري پڌرو آهي. ڪٿي ڪٿي طنز سان گڏ
نفيس مذاق به ڏنو اٿس. مثال لاءِ هڪ جدس ڏجي ٿي.
” چڱو، هن کي ڪنهن ڏينهن چانهه ٺهي ته گهرائي
سگهجي ٿو نه؟ اسان جهڙن ابوڙن وٽ اچي ڪالي ٻجي
نه ويندو نه؟“ سهڻيءَ جو ٺوري کان پڇو.
” ليوڙن جي گهر ڪوا ڪانه ايندو نه مان ڪيس ڏيئي،
گهات لي سٽي سٽي اهڙو صاف ۽ ٻولو ڪندس جو هن

جي بدن تي پاڻيءَ جو هڪ داغ به ڏسڻ ۾ نه ايندو.
هڪ ڳالهه پڇان؟ توهان کي ته هڪ حسين ڌيءَ
آهي نه؟" چواڻري چيو.

"ها آهي! ۽ اها آهي به نه سندس هڪڙي ڇا ڪريان؟"

"نه نه، مونکي غلط نه سمجهو. اها منهنجي هڪ
بيماري ٿي سمجهو نه مونکي سندر ڇوڪريون وڻنديون
آهن......"

گرديو جا مذاقي ۽ طنزي مضمون به ڪافي آهن.
ڏسو ته هڪ مضمون "نئون نمونو" جي هيٺ ڏنل ٽڪر
۾ ڪيئن نه مذاق ۽ طنز جو مٺڙو ميلاپ ڏنو اٿس:-

"مهربان سمپادڪ،

...... مضمون جو هڪ نمونو موڪليان ٿو. پسند
پوي نه ڇپجو. ليڪن انعام ڏيڻ نه وسارجو. مضمون جو
ليکڪ ادبي دنيا جي هڪ نهايت برک شخصيت آهي.
هندستان جي جاگرافيءَ ۾ ادبي دنيا ڪٿي آهي، سا نه
ڪل نه اٿم. مونکي فقط ايتري سڌ آهي ته اسان جي
مشهور اديب کي هنجي گهر جي پاڻين ڪانسواءِ بيو ڪير
ڪونه سڃاڻي. ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته
ادبي دنيا سان مطلب هنجي وڏوا پڦي، هنجي شرامتي
۾ به ذڪر قابل ڏيڻ سان سمجهو وڃي. ان ننڍي
ادبي دنيا جي اُدرهورنا اسانجي مشهور اديب جي ٿي
ڪمائي تي مدار رکي ٿي. انڪري سدائين هر وقت دل
جي آواز سان، سچ جي رکيا ڪرڻ لاءِ هٿو ڳڏارو نه

ٿي سگهندو. انڪري اهڙو قابل اديب اتي ڪٿي ڳولڻ سان به نه ملندو..."

واه! ڪهڙي نه فدائتي عبارت ۾ ڳالهه ۽ ڳالهه جي شوقين ليکڪن لئي چوٽ هڻڻي اٿس.

ٽشڪور جو مذاقي ۽ طنزي ادب ڳورو آهي پر انجو ڪافي حصو اهڙو آهي، جو جڳ ۾ پرسند روسي ليکڪ گوگل جون سڪون ڳو لاهي.

# ٽئگور جا ويچار

رويندرناٿ ٽئگور سؤ سال اڳي جڏهن وقت هن دنيا ۾ اک پٽي، تڏهن وقت هندستان جي آزاديءَ جي ٻهراڻ جت جي شمع اجهامي چڪي هئي ۽ ملڪ مڪمل طرح انگريزي غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙجي ويو هو. ملڪ ۾ چوگرد مايوسي ۽ ڏک جي لهر ڦهليل هئي. ڀارتي ۽ يورپي تمدن (ڪلچر) جي ٽڪر مان هڪ مونجهارو پيدا ٿيو هو، جنهنجي اثر ساري زندگيءَ تي ٿيو هو. گرديو جي جيون ۽ رچنائن ۾ اهو اثر صاف نظر اچي ٿو....

گرديو تي ٻيو اثر سندس پالنا جو ٿيو. هن جنهن ڪٽنب ۾ جنم ورتو سو برهمو سماجي هو. جتي ڀارت جي پراچين روحاني پستڪن - ويدن ۽ اپنشدن جي واڻي ۽ يورپ جي عقلمند ويچارن جي ميلاپ جو وايومنڊل ڇانيل هو. ٽئگور خوش نصيب هو جو هڪ شاهوڪار ۽ روشن خيالن واري پيءُ جي گود ۾ پليو. هن جي تعليم لاءِ خاطر خواهه بندوبست ڪيو ويو. نه هو اسڪولي تعليم کي ٽالائي ڏيئي قدرت جي وسيع سڪول جو

اها عوامي حڪومت آهي ته ڇا ڇا نه ٿي ڪري سگهي. هن جو ڌيان هڪ نئين ويچار ڌارا ڏانهن ڇڪجي ويو. هن هاڻي محسوس ڪيو ته هڪ آدرشي سماج فقط تڏهن ئي ٺهي سگهندي جڏهن حڪومت جون سڀ طاقتون ان مقصد لاءِ ڏاهپائيءَ سان ڪم آڻينديون. ٽئگور هاڻي حڪومت کي سماج جو ضد نٿي سمجهيو. رشيا جي ياترا هن جي اکين اڳيان امڪانن جا نوان نظارا کولي ڇڏيا. هو نين اميدن سان ڀرجي ويو."

۽ اسان کي گرديو جي پوين ڏهن سالن ۾ لکيل نهايت اهم ۽ نئين ادب ۾ سندس "ترقي پسند" رخ ۽ "نوان نظارا" ۽ "نين اميدن" جي جهلڪ صاف نظر اچي ٿي. ان دور جي ساهت ۾ ٽئگور جي دل جي ڪشمڪش جو چٽو پڙاڏو ملي ٿو. خاص ڪري سندس ڪوتائن ۾ جنگ ۽ امن، سلطنت شاهي ۽ غلام قومون، سرمائيدار ۽ مزدور، زندگي ۽ موت، ايشوري ۽ انساني پريم، انفراديت ۽ اجتماعيت جا موضوع نئين ويس لٻاس ۾ نيون معنائون کڻي اچن ٿا.

جپان- چين، اٽلي - ابيسينيا، اسپين جي گهرو لڙائي ۽ ميونچ پئڪٽ تي هن جي پڙ وروڌي ڪوتائون لکيون آهن سي اڄ به ڪن ۾ پيئون پڙن. خاص ڪري ١٩٣٧ ۾ آفريڪا تي لکيل ڪوتا ته شاهڪار آهي. ان ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو، "اي آفريڪا، ٻي آرام يگ جي پرڀات سمي، هدن شڪارين جي شوخي، ٽهڪندڙ ٻگهڙن

جي ڇڏڻ کان پوءِ وڌيڪ ٽڪي آهي. انهن جي مغروري
ٽٽڻ جون اونداهيون پلن کان پوءِ اونداهي آهي، هن ٽٽڻ جو
سبب ڪجهه لئي ڇڏيو آهي. انهن سڀ انسان جو
جهنگلي اوپ ننگي روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي. توڻ رنڊي
رهڻ ۽ پر هڏن ڀاڪن جا ڀوت ٽٽڻجي تاريخ تي ڪارو
داغ ٿا ڇڏي وڃن ۽ هوڏانهن سمنڊ پار هو پنهنجن
ملڪن ۾ گهنٽ گهڙيال وڄائي رهيا آهن... اڄ اي ڪوي
اڄي هن لٽيل استريءَ کان معافي وٺ....."

هڪ ٻيءَ ڪونا ۾ ته ماڻهن کي انهن جنگ ٻارن
خلاف اٿڻ جي للڪار ڪري ٿو. چوي ٿو:-

"چوڌاري واسينگن جي زهريلي ڦوڪار پيئي پوي.
شفقت پريو صاح جو پيغام ٻڌولي پيو لڳندو.

جهان مان لڏڻ کان اڳ. آءٌ انهن کي. هڪ سڏڙو
ڏيئي وڃي رهيو آهيان، جيڪي تباهي آڻيندڙ راڪاس
جو مقابلو ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن تياري ڪري رهيا آهن."

ٽئگور کي هن دنيا سان اٿي پريم هو، جيڪو موت
کي ڏسڻ لاءِ هرگز تيار نه هو جنهن هڪ شعر ۾ چيو ٿو:
"مان چاهيان ٿو

جڏهن آءٌ جيون جي رنگ ڀومي ڇڏي وڃان،
تڏهن منهن پنيان مدن مڃهه. قول شاهدي پريدا
رهندا ته ڪهڙي لموڻي مون هن جهان کي پريم ڪيو
آهي. هي ٻهار، هن جيوت جي سوغات! بس اهو لڪي
ته سچ آهي. جڏهن آءٌ ٻهو موڪلا ئيندس تڏهن هي

آمر سچ، موت کي قبول نہ ڪندو.”

ٽئگور پنهنجي آخرين دور ۾ پنهنجي دک کي دنيا جي دک سان ملائي ڇڏيو. جنهن هڪ ڪوتا ۾ چيائين:

“هن وڏي دنيا ۾ مون هڪڙي جا دک سور هڪڙي برابر آهن. شل منهنجا پنهنجا شخصي دک هن وشالتا ۾ ملي وڃن ۽ انهي هڪ هڪ پڪار هزارن سرن سان ملي وڏي وڏي جهان جي سرن ۾ گونجي اٿي.”

گرديو هاڻي پنهنجن شعرن ۾ غريب پيڙيل انسانن جي “لوٽ ڪسوٽ” جو چٽو چٽر چٽي ٿو. “سنٿال ڇوڪري” شعر ۾ چوي ٿو — “پنهنجي ڏنڌ تان وٺو ڏسان سنٿال جوانڙي ءَ کي، جا پٿرن جا ٿلهو ٻورهڻ ۾ مشغول آهي. منهنجي کهڙي جاءِ جوڙڻ ۾ مدد ڪري رهي آهي. شرم کان ڪنڌ جهڪيو وڃيم، جڏهين سوچيان ٿو، هن استري ءَ جون خدمتون، جن لئي سندس پيارن جوئي اڌڪار آهي سي وڪيون وڃن آهن مارڪيٽ جي ملهہ تي ۽ مون اهي خريد ڪيون آهن، ٿامي جي چند سڪن سان.”

ليڪن ٽئگور کي هاڻي يقين ٿي ويو هو تہ اها “لوٽ ڪسوٽ” ضرور ختم ٿيندي جنهن پنهنجي هڪ شاهڪار شعر “ٻورهيت” ۾ چيو ٿو:-

جڏهين ڏولي ءَ ڏانهن نهاريان ٿو
تڏهين حشام ماڻهن جون ٽوليون
روزانيون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ، هلنديون ڏسان ٿو،

هو سڙهه هلائين ٿا، ٻيڙيون ٻوڪين ٿا، فصل لڻن ٿا.
اهي ٻورهيو ڪندا رهن ٿا.
هنن جي لکين آوازن مان هڪ آلاپ اُٿي آهي،
هنن جو روزانو ڏک سک هم آهنگ ٿي
زندگيءَ جو ترانو بڻيو آهي.
سلطنتون مٽجي ويئون ۽ انهن جي خاڪ تي
پورهيت پنهنجو آئينده اڏي رهيا آهن.

گرديو جڏهن پنهنجين رچنائن تي نئين شعور سان
ڏسي ٿو تڏهن انهن ۾ هڪ خال ڏسڻ ۾ ٿو اچيس، جنهن هڪ
ڪوتا (١٩٤١) ۾ چوي ٿو:

مونکي هن دنيا جي ڪيتري نہ گهڻي چاهہ آهي
مان پنهنجي بنسريءَ جي ڌن ۾ ايترو مگو رهيس
جو ٻين سرن کي ٻڌي ٿي نہ سگهيس.
منهنجي شعر ۾ هڪ خال بڻجي پيو آهي.
هاري کيت ۾ هر پيو ڪاهي
ڪوري ڪپڙو پيو اُڻي
ماڇي ڄار پيو اُڇلائي
جن ڪي ٿي دنيا جو ڀار آهي.
پر مان ننڍيءَ دنيا جي وڏي منچ تي
ننڍي ڳڙکي ڪولي ويٺو آهيان.

مشڪل ڪڏهن ڪيترن جون حدون اورانگهيون هونديون.
مون وٽ انهن ۾ اندر گهڙڻ جي طاقت ٿي اُسا هئي.
الڪري مان انهن نڪتهندي مهان لو

نہ منهنجا گيت اڌورا آهن.
مان انتظاريءَ وچان،
ان ڪويءَ جي آس لڳايو ويٺو آهيان،
جيڪو هاريءَ جي جيوت کي منهنجي جيون سمجهي،
جنهنجي چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ فرق نہ هجي،
جيڪو هن ڌرتيءَ جي واجهو هجي."

گرديو جي مٿين ڪوتائن ۾ مان سندس جيڪا اتهاسڪ ۽ سماجڪ شعور جي جهلڪ ملي ٿي سا اسانکي سندس ٻوٽين دور جي لکيل ڪهاڻين، ناٽڪن، ناولن ۽ مضمونن ۾ پڻ نظر اچي ٿي.

"آخري ٻاٽ" ڪهاڻي (١٩٤٠) ۾ ناٽڪ جي واتان چوائي ٿو، "پئسي وارن جي همدردي پئسي وارن سان ٿيندي آهي...... هن ڌرتيءَ پنهنجي ڪنن ٻاڙن ۾، ڌن پدارٿ، طاقتور انسانن لاءِ ئي گڏ ڪري رکيو آهي جنهن ئي دنيا جي طاقتور انسانن ئي ٻهراڻ جيت حاصل ڪئي آهي ۽ غريبن لاءِ آهن مٺا چرا فصل. هنن جا هڏا ٻاهر نڪري آيا آهن، سندن پيٽ وچي پٺيءَ سان لڳو آهي...... (انگريز) ويٺي ويٺي سٺيءَ جي ڪسانن جو خون چوسي رهيا آهن......"

هيڙي نموني جو ويچار ۽ اظهار گرديو جي شروعاتي ڪهاڻين ۾ نظر نٿو اچي. اهو حوالو ڏيکاري ٿو تہ ٺڪور جي ٻهاڙيءَ جي دور ۾ هن اڳيان پيڙيندڙ ۽ پيڙيل طبقن جو تفاوت ۽ ڪشمڪش چٽي ٿيندي ٿي ويئي.

ويدانت کي انسان ۽ ڌرتيءَ جي ويجهو آڻي نئين معنيٰ ڏني آهي. البت پڇاڙيءَ ۾ هو جيڪڏهن ڪنهن مت جي وڌيڪ ويجهو هو ته اهو سوشلزم هو. جڏهن روشيا جي ياترا ڪانپوءِ ڪانئس سوال پڇيو ويو ته توهان کي روشيا جي ڪاميابيءَ جو ڪهڙو راز ڏسڻ آيو ته جواب ڏنائين، "توهانجي ڪاميابي ڌن جي ڌارا کي، هڪ شخص کان ڦيرائي گڏيل انسانيت ڏانهن ڪرڻ ۾ آهي."

"ساڳيءَ طرح ان وقت روس جي پروفيسر ايف- پيٽروف کي چيو هئائين، "اسين پڻ سوشلزم جي منزل تي پهچندا سين، جيڪا هڪ اعليٰ ترين ۽ ڪامل ترين سماجڪ سرشتو آهي."

اڄ گرديو جي اڳڪٿي سچي ثابت ٿي آهي. اسانجو پيارو ديس سوشلزم جي منزل جو پانڌيئڙو بڻجي رهيو آهي. ان منزل تي رسڻ لاءِ هن انسانيت پسند اديب جا وسيع ۽ نئوپسند ويچار ۽ لوڪپسند رچنائون روشن مناري وانگر اسانجي رهنمائي ڪن ٿيون.

Indian Institute of Sindhology
LIBRARY
7280/65
Adipur ... Gandhidham

7280
65

سنڌي ساهت ۾ هڪ نئون ستارو

# هڪ ڌارا، نوَ لهرون

(نوَ سنڌي ڪهاڻيون)

ليکڪ:

ليرنق بسنت

گوبند پنجابي

بشير مورياڻي

ڪيرت باباڻي

آئـــم

ڪرشن کٽواڻي

سندري اتمچنداڻي

گوردن مهبوباڻي

ڪلا پرڪاش

پرنگو آرٽ ڪور، صفحا ۱۱۶، قيمت ڏيڍ رپيو

پتو:- نئين دنيا پبلشرس،
۱۰، مهتا مينشن، سيتلا ديوي ٽيمپل روڊ،
ماهم، بمبئي-۱۶